ٻالڪ ڪتاب مالها
ڏاڪو: پهريون

# ايسپ جون آکاڻيون



ليکڪ: ايسپ
مترجم: ننديرام ميراڻي

# ايسپ جون آکاڻيون

ليکڪ

ايسپ

مترجم

ديوان ننديرام ميراڻي سيوهاڻي

فينيڪس بُڪس، حيدرآباد

# ٻه اکر

سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي ٻاراڻا ڪتاب شايع ٿي رهيا آهن. پر پوءِ به هڪ اهڙي ڪتابي سلسلي جي اشد ضرورت هئي، جيڪو ٻارڙن جي ذهنن جي منظم ۽ باترتيب آبياري ڪري سگهي.

فينيڪس بُڪس ٽيم وٽ ڪافي عرصي کان هڪ اهڙي ڪتابي سلسلي شروع ڪرڻ جي رٿا هئي، جنهن تحت ٻارڙن جي نه رڳو تعليم ۽ تربيت ڪري سگهجي، پر کين مستقبل جي للڪارن لاءِ به تيار ڪجي.

چاڻايل ٻاراڻي ڪتابي رٿا کي هڪ مقصد هيٺ ٽن ڏاڪن ۾ ورهايو ويو آهي. پهرئين ڏاڪي ۾ ٽئين کان پنجون درجو ٻئين ڏاڪي ۾ ڇهين کان اٺون درجو ۽ ٽئين ڏاڪي ۾ نائين کان ڏهون درجو شامل آهن. هن پهرئين ڏاڪي ۾ ايسپ جي جڳ مشهور ڪتاب "ايسپس فيبلس" جو ترجمو بعنوان "ايسپ جون آکاڻيون" پيش ڪري رهيا آهيون.

هي ڪتاب دنيا جي هر ٻوليءَ ۾ موجود آهي. هن ڪتاب جا ڪيترائي ڇاپا سنڌي ادبي بورڊ پاران پڻ اچي چڪا آهن، جنهن مان خود ڪتاب جي مقبوليت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. هي ڪتاب هن وقت به ٻارن ۽ وڏن جو دلپسند ڪتاب آهي.

مٿي ذڪر ڪيل رٿا تحت ٽنهي ڏاڪن هيٺ نوَ موضوع متعارف ڪيا ويندا جيئن: فطرت، فطري لقاءَ، سنڌ شناسي، آکاڻيون، ماحوليات، صحت ۽ صفائي، رياضي، فلسفو اڳواڻ ۽ شاعري وغيره.

هن رٿا هيٺ ٻاراڻي ادب جا شاهڪار ڪتاب ترجمو ڪري ٻارن لاءِ شايع ڪيا ويندا ته جيئن هو شعوري طرح دنيا جي ٻارن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي سگهن. ان کانسواءِ سنڌ جون ٻاراڻيون لوڪ ڪهاڻيون پڻ شايع ڪيون وينديون ته جيئن ٻار پنهنجي ثقافت، علم ۽ ادب کان به واقف ٿي سگهن.

روزينا جوڻيجو
فينڪس بُڪس
حيدرآباد

# آڪاٽي گدڙ ۽ ڊاک جي

هڪڙو بُکايل گدڙ گُهمندي گُهمندي، اوچتو ڊاک (انگورن) جي هڪ مَنَهَہ وٽ اچي پهتو. جيئن ڪٽي مٿي نهاري، تہ ڇا ڏسي جو سُهڻا ۽ عمدا ڊاک جا ڇُڳا پيا لُڏن ۽ لٽڪن!

پانياٺين تہ ٽپو ڏيئي ڇنِي ڪائي، پر ڊاک جو مَنَهُہ تمام مٿي هو. گدڙ ٽپا ڏيئي ٿڪجي پيو پر هڪڙو ڇُڳو ڪيس هٿ نہ آيو. نيٺ چوڻ لڳو "جنهن کي وٽي سو ڇني ڪائي، مون کي ڪين گهرجن؛ ڇو تہ اُهي کَٽا ۽ ڪچا آهن!

سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي تہ "گدڙُ ڊاک نہ پُڄي، آکي ٿو کٽا."

*Small-minded people scorn what they can't have.*



# آڪاٽي هڪڙي ڪُني
# ۽ هڪڙي ديڳڙي جي

هڪڙو ننڍڙو ڪُنو ۽ هڪڙو پِتَلَ جو ديڳڙو ٻئي سمنڊ جي ڪنڌيءَ تي رکيا هُئا. اوچتو سمنڊ جي لهر آئي، جنهن ۾ ٻئي وهي هليا. ڪُني کي اهو ڊپ هو تہ متان ٻجي پوان! پر ديڳڙي چيس تہ "ڊڄ نہ، آءٌ توکي سنڀاليندس!" ڪُني ورندي ڏني "جيڪڏهن منهنجو عرض قبول ڪريو تہ پلائي ڪري مون کان پاسو ڪريو، ڇو تہ تہ مونکي ڌڪو ڊپ ٿو ٿئي ڪٿي وهڪرو مون کي توهان ڏانهن يا توهان کي مون ڏانهن نہ اُڇلي، ٻنهي حالتن ۾ خطرو مون کي آهي، توهان لاءِ تہ خير آهي. مهرباني ڪري مون ڏي نہ اچجو!"

*Too-powerful neighbors should be avoided,*
*for in a quarrel, the weaker suffers.*




# آڪاٽي ڪتي ۽ سندس پاڇي جي

هڪڙو ڪُتو، گوشت جي ٻوٽي وات ۾ کنيو نديءَ جي ٻئي پار تي ويو. ان پنهنجو پاڇو پاڻيءَ ۾ ڏٺو سو ڄاتائين ته هيءَ ڪو ٻيو ڪُتو ٻوٽي وات ۾ کنيو ٿو وڃي. تڏهن ڀانيائين ته اِها ٻوٽي به هن کان کسي وٺان. اِها ڳالهه ڳڻي وات پٽي، لالچ مان جهڙو اُن کان ٻوٽي کسڻ لڳو، تهڙو سندس وات واري ٻوٽي به پاڻيءَ ۾ ڪري پيئي، ۽ وڃي تر ورتائين، ۽ ٻيهر اُها هٿ به نه آيس.

ꕥ

*If you grasp at the shadow, you*
*may lose the substance.*



# آڪاٽي مڇر ۽ ڏڳي جي

هڪڙو مَڇَر، ڪنهن ڏڳي جي مٿي وٽ ڀوڻڀاٽ ڪري، اُن جي سِڱَ تي وڃي ويٺو ۽ ڏڳي کي چوڻ لڳو ته ”آءٌ جو اوهان جي سڱ تي ويٺو آهيان، تنهنڪري ڀانيان ٿو ته اوهان کي تڪليف ٿيندي هوندي، پر ڀلائي ڪري مون تي ڪاوڙ نه ڪجو: جي آءٌ ڳرو لڳندو هجان ته مونکي ٻڌائجو ته آءٌ اُٿي وڃان.“ ڏڳي وراڻيو ته ”اُٿي ويندين ته مون کي ڇا، جي ويٺو هوندين ته به مون کي ڇا: سچ ڪري پڇين ته مون کي تنهنجي ويهڻ جي به خبر ڪانهي!“

*We may often be more important in our own eyes than in the eyes of others.*



# آڪاٽي هنج پکيءَ جي، جو سونا آنا ڏيندو هو

هڪڙي ماڻهوءَ کي اهڙو ڀاڳ اچي لڳو جو هڪڙو هنج پکي هٿ اچي ويس، جيڪو ڏهاڙي هڪڙو سونو آنو ڏيندو هو. پر هن لالچي شخص کي اُن مان ڍءُ ڪين ٿيو. هن ڀانيو ٿي ته هڪدم وڏو خزانو هٿ ڪريان. ان ڪري هن هنج پکيءَ کي ڪُٺو ۽ اُن جو پيٽ ڦاڙي، خزانو ڳولڻ لڳو پر ڇا ڏسي، ته مارا هن جو پيٽ به اهڙو ئي آهي، جهڙو ٻين هنجن جو ٿيندو آهي.

ꕥ

*Much wants more and loses all.*



# آڪاٽي ڇيڇات ڪندڙ ڦيٿن جي

ڪن ڏينهن ڪنهن ڏُکي وات تان گاڏي ٿي ڇڪي، تڏهن ڦيٿا ڏاڍا ڇيڇات ڪرڻ لڳا. ان تي گاڏيوان گاڏيءَ کي چيو ته ”جيڪي ڏڳا سڄو بار کنيو ٿا هلن، سي مات ڪيو پيا هلن، ۽ تون ڇو پئي ڪِنجهين ۽ ڪُرڪين!“

ﮌﮌﮌ

*They complain most who suffer least.*



# آڪاٽي وهنجندڙ ڇوڪر جي

هڪڙو ڇوڪر ڪنهن واهه ۾ وهنجي رهيو هو. پهرين ننڍي پاڻيءَ ۾ وِهنتو پئي، پر پوءِ اڳتي وڃي، وڏي پاڻيءَ ۾ ٻڏڻ لڳو. تڏهن، هڪڙي واٽهڙوءَ کي ڏسي واڪا ڪيائين ته "اچي مون کي بچاءِ!" اهو واٽهڙو اُتان ئي بيهي، ڇوڪر کي ٻاهر ڪڍڻ بدران، ڪيس سندس چريائيءَ تي نصيحت ڪرڻ لڳو. ان تي ڇوڪر رڙ ڪري چيس: "اي سائين، پهرين مون کي بچاءِ، پوءِ مون کي سمجهاءِ!"

ﮐﮑﮒ

*Give assistance, not advice, in a crisis.*



# آڪاٽي ڇوڪرن ۽ ڏيڏرن جي

ڪنهن وڏي تلاءَ ۾ گهڻا ڏيڏر رهندا هئا .هڪڙي ڏينهن انهيءَ تلاءَ جي ڪناري تي ڪيترا ڇوڪرا اچي راند ڪرڻ لڳا. ٻارن اُتي بيهي تلاءَ ۾ پٿرن جا وسڪارا لائي ڏنا. ۽ ويچارن ڏيڏرن کي گهڻو ڏيچاري سندن جيءُ جوکي ۾ وجهي ڇڏيائون. نيٺ هڪڙي ڏيڏر دل جهلي پاڻيءَ مان مٿو ڪڍي، ڇوڪرن کي چيو "اڙي ڇوڪرؤ اوهين ننڍڙي وهيءَ ۾ اِها بيرحميءَ جي چال ڪٿان سکيؤ؟ اوهان جي واسطي تہ اِها راند آهي، پر اسان جي لاءِ تہ موت آهي!"

꧁꧂

*One man's meat is another's poison.*



# آڪاٽي ديال جي وڻ ۽ ڪنڌي جي

هِڪڙي ڏينهن ديال جو وڻ، جهنگلي ڪنڊي سان ٻٽاڪ هڻڻ لڳو ته ”تون ڪنهن ٻه ڪم جو نه آهين، پر مون کان سواءِ جيڪر ماڻهن جون جڳهيون ٺهي ئي نه سگهن“ ڪنڊي جواب ڏنو ته ”جڏهن ڪاتير ڪهاڙا ۽ ڪارايون ڪٽي ايندا، تڏهن تون شايد سوچين ته ديال جي وڻ بدران ڪو ڪنڊيدار ٻوٽو هجان ها ته چڱو!“

ꕥ

*Better poverty without a care*
*than wealth with its many obligations.*



# آڪاٽي ڪُتي ۽ سَهي جي

هڪڙي ڪُتي، هڪ سهي کي ڀڄائي ڀڄائي، آخر وڃي ان کي پڪڙيو. ڪتو ڦيرايائين سهي کي چڪ هڻي پَٽِڻَ لڳو ۽ پوءِ وري زبان سان اُن کي چَٽِڻَ لڳو. سهو ڪُتي جي اها هلت سمجهي نہ سگهيو. ان ڪري پڇيائينس تہ "جيڪڏهن تون منهنجو دوست آهين، تہ چڪ ڇو ٿو وجهين: ۽ جيڪڏهن دشمن آهين، تہ چَٽَ ڇُم ڇو ٿو ڪرين؟

*Better a certain enemy than a doubtful friend.*



# آڪاٽي تيرَ هٽندڙ عُقاب جي

هڪڙي تيرَ هٽندڙ ڪنهن عقاب پکيءَ کي تيرُ هنيو. اهو تيرُ عقاب جي دل ۾ وڃي لڳو پر جڏهن لُڇندي لُڇندي مُڙي ڏٺائين تہ ڇا ڏسي تہ اهو تير تہ سندس ئي ڪنين مان جڙيل آهي! تڏهن چيائين تہ "پنهنجن ڪنين جي ٺهيل هٿيارن جا ڦٽ ڪيڏا نہ ڏکوئيندڙ آهن!"

ꕥ


*Misfortunes we bring on ourselves are doubly bitter.*



# آڪاڻي چنڊ ۽ ماڻس جي

هڪڙي چنڊ، پنهنجيءَ ماءُ کي چيو تہ ”منهنجي لاءِ ڪو اهڙو ڪوٽ ٺاهي ڏي، جيڪو پورو ۽ ٺهڪي اچيم“. ماڻس جواب ڏنو: ”ابا! تنهنجي بُت تي پورو ۽ ٺهڪي ايندڙ ڪوٽ آءٌ ڪهڙيءَ طرح ٺاهي ٿي سگهان، جو تون ڪڏهن ننڍو تہ ڪڏهن وڏو ڪنهن ڏينهن بلڪل وڏو تہ ڪنهن ڏينهن صفا ننڍڙو هوندو آهين!“

*Changeable people are not easily satisfied.*




# آڪاٽي گهيٽيءَ بگهڙ جي

هڪڙو گهيٽو بگهڙ کان ڀڄي، پناهہ وٺڻ لاءِ ڪنهن عبادتگاهہ ڏي اُتي ڀڳو. بگهڙ هَڪلَ ڪري چيس: "اڙي اُتي ڪنهن ڏٺئي تہ جهلي ڪُهي ڇڏيندءِ."

گهيٽي جواب ڏنو تہ "ڀلي ڪُهي ڇڏي، پر تنهنجي کائڻ کان ڏٽيءَ جي نالي تي قربان ٿيڻ چڱو آهي."

*Advice from the greedy is best ignored.*



# آڪاٽي ڪُتي ۽ سندس ڏٽيءَ جي

هڪڙو ماڻهو ڪنهن ڪم سان گهر کان ٻاهر نڪري رهيو هو تہ دروازي جي ڀرسان پنهنجي ڪُتي کي بيٺل ڏٺائين. ماڻهوءَ ڪُتي کي چيو تہ "تون وات ڦاڙي اِتي ڇو بيٺو آهين؟ مون سان گڏجي هلڻ لاءِ جلد تيار ٿي وڃ."

"سائين آءٌ تہ حاضر آهيان، پر تيار توهان کي ٿيڻ گهرجي." ڪُتي پڇ لوڏي، جواب ڏنو.

*Sometimes the slow ones blame the active for the delay.*



”ايسپ پنهنجا تجربا، صلاحون ۽ هدايتون اهڙين آکاڻين جي صورت ۾ پيش ڪيون، جي ٻارن، جوانن، ٻڍن، عالمن ۽ اڻ پڙهيلن کي هڪجهڙو لطف ڏين ٿيون. ايتري قدر جو دنيا جي مشهور فيلسوف سُقراط بہ نظربنديءَ جي زماني ۾ پنهنجي مطالعي لاءِ هن ئي ڪتاب کي پسند ڪيو.

اهو ئي سبب آهي جو هر ملڪ جي اسڪولي نصاب ۾ ايسپ جي آکاڻين کي ڪثرت سان شامل ڪيو ويو آهي. سنڌيءَ جي درسي ڪتابن ۾ پڻ اهي آکاڻيون وڏو حصو والارين ٿيون.

اميد تہ سنڌي ادب جي قدردانن ۾ هن ڪتاب کي عام - پسند معيار ملندو.“

محمد ابراهيم جويو

*ورتل: ايسپ جون آکاڻيون، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1966ع*

**Phoenix Books**
C-73, GMB Colony, Qasimabad,
Hyderabad, Sindh, Pakistan.
Ph.00-92-22-2655021,
E-mail:trdsindh@yahoo.com